# روزو

# اعتڪاف

# چنڊ ڏسڻ

# فطرو

**بمطابق فتاوئ:**

**آيت الله خوئي، آيت الله خميني، آيت الله سيستاني، آيت الله خامنہ اي**

**مرتبہ: حجة الاسلام والمسلمين محمد رضا دائوداني**

**سنڌيڪار: محمد اسلم چانديو (حوزه علميہ قم المقدسہ)**

## اظهار خيال

## بسمہ تعالیٰ

جناب مولانا محمد رضا داووداني صاحب جي ترتيب ڏنل هن ڪتابچي جو مطالعو ڪيو.

موصوف نئين انداز سان شرعي مسئلن کي بيان ڪرڻ جو پڪو پهه ڪيو آهي، اردو زبان ۾ اها نئين ڪوشش آهي. ۽ هن ۾ موصوف چئن ڳالهين کي نظر ۾ رکيو آهي:

1. اهڙن مسئلن کي ذڪر ڪيو آهي جيڪي مومنين کي عام طور تي پيش اچن ٿا.

2. مسئلن کي بيان ڪرڻ واري زبان، سادي ۽ عام فهم آهي.

3. جيستائين ممڪن آهي اختلافي مسئلن کان پاسو ڪيو آهي ۽ احتياط جي مطابق مسئلن کي بيان ڪيو آهي.

3. مسئلن کي مختصر ۽ منطقي ترتيب سان بيان ڪيو آهي.

هر نئين ڪوشش پنهنجي اندر خوبيون ۽ خاميون رکندي آهي، اها ئي صورتحال هن ڪتابچي سان بہ آهي.

جتي هي ڪتابچو ڪافي مومنن جي مشڪلاتن کي حل ڪندو، اتي احتياط جي بنا تي ترتيب ڏيڻ جي ڪري ڪجهہ مومنن جي مالي يا بدني تڪليف ۾ مبتلا ٿيڻ جو سبب ٿيندو.

عام طور تي مومن عملي ضرورت محسوس ڪندي ئي شرعي مسئلن جي طرف لاڙو ڪندا آهن، ان موقعي تي تفصيل هميشہ مقدور نہ هوندي آهي، هي ڪتابچو هن وقت جي لاءِ بهترين رهنما ثابت ٿيندو.

آخر ۾ اسان الله کان دعاڳو آهيون تہ جناب محمد رضا داووداني جي هن ڪوشش کي قبولت جو شرف بخشي ۽ حضرت امام عصر عجل الله تعالیٰ فرجہ الشريف جي خوشي جو سبب ٿئي، الله پاڪ سائين جن کي وڏيڪ همت عطا فرمائي تہ جيئن ٻين فقهي موضوعن کي بہ اهڙي پلي ترتيب ڏئي.

والسلام

ناچيز: علي رضا صالحي (هڪ رمضان المبارڪ)

## تقريظ

**الحمد لاهلہ و الصلوة علي اهلها**

اسلامي اقدار ۽ ثقافت ۽ احڪام جي نشر و اشاعت هڪ اهم فريضو آهي جيڪو هر ڪوئي انجام نٿو ڏئي سگهي.

جناب حجة الاسلام مولانا محمد رضا داوداني جيڪي نہ فقط هڪ توانا، مهذب ۽ با اخلاق ۽ باعمل ذاڪرِ اهلبيت آهن بلڪہ علمي لحاظ کان بہ وڏي درجي تي فائز آهن. عوام الناس کي اسلامي تهذيب ۽ ثقافت ۽ ديني احڪام کان آگاهہ ڪرڻ لاءِ پهريان بہ چند ڪتابچہ منظر عام تي اچي چڪا آهن. سندس هي ڪاوش بہ واکاڻ جوڳي آهي.

الله سائين کان دعا آهي تہ اسان سيني کي غيبت جي زماني ۾ پنهنجي ذميوارين کي سهڻي نموني انجام ڏيڻ جي توفيق عطا فرمائي. ۽ زهرا اڪيڊمي جي هن خدمت کي سندس پين خدمتن جيان قبوليت جو شرف عطا فرمائي.

و السلام

**شبير حسن ميثمي**

**چيئرمين: زهرا (س) اڪيڊمي**

**13 رجب المرجب 1437 هجري قمري**

بسم الله الرحمن الرحيم

مانورا مولانا محمد رضا داووداني انهن نوجوان عالمن منجهان آهن جيڪي شريعت جي احڪامن کي عملي ڪرڻ لاءِ انتهائي آساني سان پيش ڪرڻ کي پنهنجي ذميواري سمجهندا آهن.

اهو ذميواري جو احساس اهو نيڪ عمل آهي جيڪو تشويق ۽ تقدير جي لائق آهي.

الله پاڪ مانواري سائين جي توفيقات خير ۾ اضافو فرمائي.

هي ڪتابچو انهن عنوانن تي مشمتل آهي جيڪي هر سال مڪلفين کي رمضان جي مهيني ۾ عيد جي موقعي تي پيش ايندا آهن، انهن مسئلن کي انتهائي آسان زبان ۾ خوصبورت ترتيب سان گڏ لکيو آهي. اميد آهي ته علم سان شوق رکڻ وارا هن مان فائدو وٺندا.

جيڪڏهن ڪجھ زنده مجتهدن جي فتوائن کي ٻ آخر ۾ وڌايو وڃي ته هن ڪتاب جي افاديت جو دائرو وسيع ٿي سگهي ٿو. آءُ دعاڳو آهيان ته آئمه معصومين عليهم السلام جي صدقي ۾ مولانا داووداني کي دين ۽ علم جي خدمت ڪرڻ جي توفيق ملندي رهي.

**والسلام**

**طالب جوهري**

16 بي بلاڪ فيدريل  بي ايريا ڪراچي فون 6341400_ 6361500

# اظهار تشڪر

1. هن ڪتاب جي باري ۾

الف) حجة الاسلام و المسلمين جناب محمد حسين فلاح زاده صاحب جي ڪتاب (آموزش فقہ سطح عالي)

ب) حجة الاسلام و المسلمين جناب محمد رضا مشفقي پور صاحب جي ڪتاب (احڪام آموزشي سطح 3)

ج) حجة الاسلام و المسلمين جناب سيد مجتبیٰ حسيني صاحب جي ڪتاب (احڪام روزه) مان ستو فائدو ورتو آهي.

2. استاد محترم حجة الاسلام و المسلمين مولانا علي رضا صالحي صاحب جن نظر ثاني ۽ ضروري تصحيح ۽ اصلاح ڪئي آهي.

3. ياءُ رضا رضواني پلن مشورن سان نوازيو ۽ فني مدد پڻ ڪئي، آءُ انهن سيني بزرگن جو شڪر گذار آهيان ۽ انهن جي لاءِ دعاڳو آهيان.

ربنا تقبل منا انک انت السميع العليم

بحق محمد و آلہ الطاهرين

**محمد رضا داوداني**

**27 شعبان 1429 هجري قمري**

**بمطابق 20 آگست 2008 عيسوي**

بسم الله الرحمن الرحيم

## مقدمو

السلام عليڪم و رحمة الله و برڪاتہ

الحمد لله ايندڙ صفحن تي توهان روزي ۽ اعتڪاف سان جڙيل آداب ۽ احڪام پڙهندو.

فطري ۽ چندہ جا مسئلا پهريان ئي پمفلٽ جي شڪل ۾ ڪجهہ مومن ورهائي رهيا هئا۔ مناسب محسوس ٿيو تہ انهن مسئلن کي بہ ڪتاب جي آخر ۾ شامل ڪريان.

هن ڪتاب ۾ هيٺ ڏنل چار مجتهدن جي فتوائن کي نظر ۾ رکيو ويو آهي:

1. مرحوم آيت الله خوئي رحمة الله عليہ

2. مرحوم امام خميني رحمة الله عليہ

3. آيت الله سيستاني مد ظلہ

4. رهبر معظم آيت الله خامنہ اي مد ظلہ

چند جڳهن کان سواءِ فتوائن جي اختلاف کي بيان ناهي ڪيو ويو بلڪہ ڪوشش ڪئي وئي آهي تہ مسئلن کي احتياط جي مطابق رکيو وڃي.

تفصيل ڏسڻ وارا مومن توضيح المسائل ۽ ٻين ڪتابن ڏانهن مراجعو ڪن.

هن ڪتابچي ۾ بيان ڪيل مستحبات رجاءِ مطلوبيت جي نيت سان انجام ڏئي سگهجن ٿا.

رجاءِ مطلوبيت يعني ان اميد سان انجام ڏيڻ تہ اهو عمل الله پاڪ گهري ٿو.

## فهرست


روزي جو مطلب........ 9
روزي جا قسم........ 10
واجب روزا........ 11
روزي جي نيت........ 12
نيت ڪرڻ جو وقت ڪيستائين آهي؟........ 14
اهم سوال........ 15
روزي جا مبطلات يعني روزي کي ٽوڙڻ واريون شيون........ 16
ڪجھ وضاحت........ 17
مراهين مان رت نڪرڻ........ 18
گرڙا ڪرڻ........ 19
ڏندن جو علاج ڪرائڻ........ 19
اکين ۽ ڪنن ۾ پوندڙ ڦڙا........ 20
شيمپو ۽ صابڻ هڻڻ........ 20
وارن ۾ تيل هڻڻ يا ڪريم هڻڻ........ 20
چپن تي سُرخي lipstick هڻڻ........ 20
ڪنهن کي رت ڏيڻ........ 20
گرڙي ڪرڻ........ 20
2_ مٽي ۽ دز جو نڙي تائين پهچڻ........ 21
سگريٽ وغيره جو استعمال ڪرڻ........ 21
اسپري Inhalar جو استعمال ڪرڻ........ 22
مٽي يا سيني تي بام جو استعمال........ 22
گرم پاڻي جي ڪري واش روم ۾ ٺهندڙ ٻاڦ........ 22
بسن ۽ گاڏين جو دونهون........ 22
3_ الله, انبياء عليهم السلام ۽ معصومين عليهم السلام سان ڪوڙي ڳالھ ڳنڍڻ........ 23

ڪوڙي ڳالهه ڳنڍڻ جو طريقو ........ 23
4_ سچو متو پاڻي ۾ پوڙڻ........ 24
5_ الٽي ڪرڻ ........ 25
6_ استمنا ڪرڻ........ 26
7_ جماع ڪرڻ (همبستري ڪرڻ) جيئن: زال ۽ مڙس جو پاڻ ۾ ملڻ........ 27
8_ جنابت جي حالت ۾ صبح جي آذان تائين باقي رهڻ ........ 27
لاش (ميت) کي هٿ لائڻ ۽ روزو ........ 29
9_ عورت جو حيض يا نفاس کان پاڪ ٿيڻ کان پوءِ بہ صبح جي آذان کان پهريان غسل نہ ڪرڻ ........ 29
10. ڪنهن وهندڙ شي سان حقنو ڪرڻ ........ 30
اعتڪاف........ 31
اعتڪاف جون شرطون:........ 31
اعتڪاف جي دوران ڪجهہ شيون حرام آهن ........ 34
عيد جي چنڊ جي باري ۾ سوال ۽ جواب........ 35
چنڊ ڏسڻ جو خلاصو........ 36
ڪجهہ عام احڪام ........ 37
رمضان مهيني جي روزي ڇڏڻ جو ڪفارو (ڏنڊ)........ 38
ان سان مليل ڪجهہ احڪام ........ 39
رمضان مهيني جي قضا روزي کي ٽوڙڻ جو ڪفارو........ 40
هڪ رمضان ۾ قضا ٿيل روزا ايندڙ رمضان تائين نہ رکڻ جو ڪفارو:........ 42
فديو معني ”بدل“ يا ”عوض“........ 42
ڪجهہ وضاحت ........ 43
قضا روزن جي باري ۾ اهم ڳالهيون........ 45
ٻہ اهم ڳالهيون........ 46
ماءُ پيءُ جا قضا روزا........ 47
مسافر جا روزا........ 48
حد ترخص ........ 49
مستحب روزا........ 50
فطرو........ 51

## روزي جو مطلب

روزي کي عربي ۾ صَوم چوندا آهن.

**لغت** dictionary ۾ صَوم جو مطلب آهي: ڪنهن شي کان رڪجي وڃڻ.

**عام چوڻي ۾ ان جو مطلب**

کائڻ، پيئڻ ۽ ڪجھ ٻين شين کان رڪجي وڃڻ.

**ڪيستائين؟**

آذان صبح کان مغرب تائين

**ڇو؟**

الله تعالیٰ جي حڪم جي ڪري.

**سوال:** روزي کي روزو ڇو چوندا آهن؟

**جواب:** ڇو جو هي عبادت رات جي نہ آهي ڏينهن جي آهي ۽ ڏينهن کي روز چوندا آهن ان ڪري هن عبادت کي روزو چيو ويندو آهي.

## روزي جا قسم

1_ واجب روزا (جيئن: رمضان جا روزا)

2_ مستحب روزا (جيئن: رجب يا شعبان جا روزا)

3_ مڪروهه روزا (جيئن: 10 محرم جو روزو)

4_ حرام روزا (جيئن: عيد الفطر ۽ عيد قربان جا روزا)

**غور ڪيو:**

جيڪڏهن خبر هجي ته روزو رکڻ تڪليف جو سبب ٿيندو ته واجب روزو رکڻ به حرام آهي.

**تڪليف جو مثال:**

1_ ڪنهن کي خبر هجي رزو رکندس ته مري ويندس.

يا

2_ بيماري وڌي ويندي.

**سوال2:** پر ڪيس اها خبر ڪيئن پوندي ته مري ويندو يا سندس بيماري وڌي ويندي؟

**جواب:** پاڻ کي پڪ ۽ اطمينان هجيس.

يا

پهريان اهڙا واقعا گذري چڪا هجن

يا

ڪنهن ڊاڪٽر جي ڳالهه تي پڪ ٿئي

يا

ڪنهن ٻئي عقلي ذريعي سان انسان سمجهي وڃي.

جيئن: ڊاڪٽر چئي ٿو ته:

1_ روزو تنهنجي لاءِ نقصانڪار آهي نہ رک.

پر آءُ مطمئن آهيان تہ اهڙو مسئلو نہ آهي.

يا

2_ روزو رک تنهنجي لاءِ نقصانڪار نہ آهي پر مون

کي پڪ آهي تہ روزو منهنجي لاءِ نقصانڪار آهي.

**سوال3:** پنهي صورتن ۾ ڪنهن جي ڳالھ هلندي؟

**جواب:** توهان جي ڳالھ هلندي توهان پنهجي پڪ ۽ اطمينان تي عمل ڪريو.

## واجب روزا

جيئن:

1_ رمضان مهيني جا روزا.

2_ قضا جا روزا.

3_ ڪفاري جا روزا.

4_ ماءُ پيءُ جا قضا روزا وڏي پٽ تي.

5_ باس باسڻ ڪري واجب ٿيل روزا.

6_ اعتڪاف ڪندڙ تي ٽئين ڏينهن جو روزو.

7_ حج تمتع جي قرباني جي بدران رکيا ويندڙ روزا.

(وڌيڪ تفصيل جي لاءِ مناسڪ حج جي طرف رجوع ڪريو)

## روزي جي نيت

**سوال1:** ڇا روزي جي نيت ڪرڻ ضروري آهي؟

**جواب:** جي ها، روزو عبادت آهي ۽ عبادت نيت کان علاوه نہ ٿيندي.

**سوال2:** ڇا نيت ڪجھ لفظ چوڻ جو نالو آهي؟

**جواب:** جي نہ، نيت دل جي ارادي جو نالو آهي.

**سوال3:** اهو ارادو ڇا آهي؟

**جواب:** آءُ...صبح جي آذان کان سانجھيءَ جي آذان تائين روزو رکان ٿو...قربةَ الي اللهِ.

**سوال4:** قربةَ الي اللهِ جو مطلب ڇا آهي؟

**جواب:** الله پاڪ جي حڪم تي عمل ڪرڻ خاطر. (جنهن جي نتيجي ۾ لازمي طور الله پاڪ جي قربت حاصل ٿيندي آهي)

**سوال5:** صبح جي آذان جو مطلب ڇا آهي؟ نماز جو وقت ٿي وڃڻ کان 15 منٽ پوءِ منهنجي پاڙي واري مسجد ۾ آذان ايندي آهي پوءِ ڇا منهنجو روزو ان وقت کان شروع ٿيندو؟

**جواب:** جي نہ، بلڪہ صبح جي آذان مان صبح جي نماز جو پهريون وقت مراد آهي.

**نوٽ:** اهو يقين حاصل ڪرڻ لاءِ ضروري آهي تہ

1_ ان وقت کان ٿورو وقت پهريان کائڻ ۽ پيئڻ ڇڏي ڏجي.

2_ سانجھيءَ جي آذان کان بعد بہ ٿورو وقت کائڻ پيئڻ کان پرهيز ڪري.

**توجھ:** رمضان مهيني ۾ روزي جي دوران پنهنجي روزي جي نيت کان ڦري وڃي يا ڄاڻي واڻي روزي کي ٽوڙڻ واري ڪنهن ڪم جو ارادو ڪري تہ روزو ٽٽي پوندو پوءِ پلي اهو ڪم ڪري يا نہ ڪري.

**سوال6:** ڇا اهو معين ڪرڻ ضروري آهي تہ ڪهڙو روزو رکيو آهي؟ يا بغير معين ڪرڻ جي روزو رکيو وڃي ۽ پوءِ پنهنجي مرضي سان ان روزي کي قضا يا ڪفاري جو ڪري ڇڏيون؟

**جواب:** جي نہ، بلڪہ معين ڪرڻ ضروري آهي تہ هي روزو رکان ٿو.

**توجھ:** پر رمضان مهيني ۾ رکيو ويندڙ روزو پاڻهي ئي معين آهي تہ هي رمضان جو روزو آهي. ان ڪري جو رمضان ۾ ٻيو ڪو روزو نہ ٿو رکي سگهجي.

**سوال7:** مون کان وسري ويو تہ سياڻي رمضان جي 15 پندرنهن تاريخ آهي يا 16 سورنهن، مون فقط نيت ڪري ڇڏي يا تاريخ 16 آهي ۽ مون 15 جي نيت ڪري ڇڏي يا روزو پندرنهون 15 هئو مون 16 جي نيت ڪري ڇڏي. ڇا ان نيت سان روزي تي ڪو فرق پوندو؟

**جواب:** جي نہ، ان سان روزي تي ڪو بہ فرق نہ پوندو.

**سوال8:** آءٌ اجا تائين سياڻي جي روزي جو ارادو ناهي ڪيو. آءٌ ڪيستائين. روزي جي نيت ڪري سگهان ٿو؟

**جواب:** ڏسڻو پوندو تہ روزو ڪهڙي قسم جو آهي. واجب آهي يا مستحب. جي واجب آهي تہ واجب جو ڪهڙو قسم آهي. هيٺ وضاحت سان گڏ چارٽ بہ پيش ڪريون ٿا. (ٿورو غور سان پڙهيو وڃي) ڪجھ سببن جي ڪري توهان ڏسندو تہ صبح جي آذان کان پوءِ نيت ڪرڻ جي اجازت آهي، پر اها اجازت تڏهن آهي جڏهن صبح جي آذان تائين ڪو بہ روزي کي ٽوڙڻ وارو ڪم نہ ڪيو ويو هجي.

**مثال:** اگر روزي کي ٽوڙڻ وارو ڪو بہ ڪم نہ ڪيو ويو هجي تہ مستحب روزي جي نيت سج لهڻ کان هڪ منٽ پهريان بہ ڪري سگهجي ٿي.

## نيت ڪرڻ جو وقت ڪيستائين آهي؟

مستحب روزي جي نيت سانجهي جي آذان کان ٿورو وقت پهريان به ڪري سگهي ٿو.

**رمضان جي واجب روزي جي نيت**

صبح جي آذان کان پهريان نيت ڪري سگهجي ٿي. جيڪڏهن روزي جي خبر نہ هئي يا ياد وسري ويو تہ ٻيپهري جي آذان کان پهريان بہ نيت ڪري سگهي ٿو پر جيڪڏهن ڄاڻي واڻي ٻيپهري جي آذان تائين دير ڪئي هجي تہ هاڻي نيت جو وقت ختم ٿي ويو. ۽ ڪنهن بہ صورت ۾ ٻيپهري جي آذان کان پوءِ نيت نہ ٿي ڪري سگهجي.

**باس باسيل روزو** جنهن جو ڏينهن معين هجي ان جي نيت جو وقت بہ رمضان جي روزي وانگر آهي.

**غير معين واجب روزو** جيئن: رمضان جو قضا روزو، باس باسيل روزو جنهن جو ڏينهن معين نہ هجي. انهن روزن جي نيت جو وقت هي آهي تہ فقط ٻيپهري جي آذان کان پوءِ نيت نہ ٿو ڪري سگهي. باقي ٻيپهري جي آذان کان پهريان جنهن وقت چاهي نيت ڪري سگهي ٿو.

## اهم سوال

**سوال1:** 29 شعبان جو ڏينهن ختم ٿيو. چنڊ جي خبر ناهي ته ڏٺو يا نه هاڻي آءُ ڇا ڪريان؟

**جواب:** جيڪڏهن چنڊ نظر اچي وڃي ته سڀاڻي پهرين رمضان آهي ۽ روزو رکڻ واجب آهي.

اگر چنڊ نظر نه اچي ته سڀاڻي 30 شعبان آهي ۽ روزو رکڻ واجب نه آهي.

اگر خبر نه پوي ته چنڊ نظر آيو يا نه ته ان شڪ جي حالت ۾ به روزو رکڻ واجب نه آهي.

**سوال2:** اگر خبر نه پوڻ جي حالت ۾ آءُ روزو نه رکيو ۽ بعد ۾ خبر پئي ته چنڊ نظر اچي ويو هئو ته پوءِ ڇا ڪيان؟

**جواب:** توهان تي ڪوئي گناهه نه آهي بس بعد ۾ ان روزي جي قضا رکڻي پوندي.

**سوال3:** آءُ ان شڪ واري ڏينهن اگر روزو رکڻ چاهيان ته نيت ڇا ڪيان. ڇا هي نيت ڪري سگهان ٿو ته آءُ روزو رکان ٿو رمضان جي پهرين آهي ته رمضان جو نه ته شعبان جو؟

**جواب:** جي نه، اها نيت نه ڪيو بلڪه توهان جو اگر روزو قضا آهي ته ان جي نيت ڪيو نه ته مستحب روزي جي نيت ڪيو.

ان جو فائدو اهو ٿيندو ته اگر رمضان هوندو ته اهو روزو پاڻهي ئي رمضان جو ٿي ويندو. اگر رمضان نه هيو ته اهو روزو ٿيندو جيڪو توهان رکيو آهي.

**سوال4:** جيڪڏهن آءُ قضا يا مستحب روزو رکان ۽ ڏينهن جو خبر پوي ته رمضان جي پهرين آهي ته آءُ ڇا ڪيان؟

**جواب:** فقط پنهنجي نيت کي مٽائي رمضان جي نيت ڪري ڇڏيو بس.

## روزي جا مبطلات يعني روزي کي ٽوڙڻ واريون شيون

### فهرست

1_ کائڻ پيئڻ

2_ مٽي ۽ دونهين جو نڙي تائين پهچڻ

3_ الله، انبياء ۽ معصومين سان ڪوڙي ڳالهه ڳنڍڻ

4_ سڄو مٿو پاڻي ۾ ٻوڙڻ يعني شاخ يا واهه وغيره ۾ ٽٻي هڻڻ (هي مسئلو اختلافي آهي)

5_ ڇاڻي واڻي الٽي ڪرڻ

6_ استمناء ڪرڻ (هٿ جي حرڪت يا ڪنهن ٻئي طريقي سان مني ڪڍڻ)

7_ جماع (همبستري) ڪرڻ

8_ جنابت (ترُ) جي حالت ۾ صبح جي آذان تائين باقي رهڻ

9_ عورت جو حيض ۽ نفاس جي خون کان پاڪ ٿيڻ کان پوءِ به صبح جي آذان تائين غسل نه ڪرڻ.

10_ ڪنهن آلي شي سان حقنو يا انيما ڪرڻ

## ڪجھ وضاحت

**1_** ڪائڻ پيئڻ...ڪاڌو پيتو نڙي ڪان هيٺ لهي.

نڙي...جتان خ جو آواز نڪرندو آهي.

**توجھ:** فقط زبان تي ڪجھ رکي ذائقو چکڻ سان روزو نہ ٽٽندو (پر جڏهن اها شي نڙي تائين نہ وڃي)

اچا ڪجھ وضاحت

| | | |
|---|---|---|
| 1 | ڏندن ۾ ڪجھ ڦاٿل رهجي ويو هئو پوءِ وري آءُ ان ڪي ڄاڻي واڻي ڳهي ڇڏيو. | روزو ٽٽي پيو |
| 2 | پل ۾ ڪجھ کائي يا پيئي ويس. | روزو صحيح آهي |
| 3 | مزيدار ڪاڌو ڏسي وات ۾ پاڻي اچي ويو ۽ آءُ ڄاڻي واڻي ڳهي ڇڏيو. | روزو صحيح آهي |
| 4 | وات واري ٿڪ کي ڄاڻي واڻي ڳهي ويس. | روزو صحيح آهي |
| 5 | بلغم (ڪانگهارو) وات ۾ اچڻ کان پهريان ئي ڳهي ويس. | روزو صحيح آهي |
| 6 | بلغم (ڪانگهارو) وات ۾ اچڻ کان پوءِ ڳهي ويس. | آيت الله سيستاني جي مطابق روزو صحيح آهي<br>آيت الله خامنہ اي، آيت الله خوئي، آيت الله خميني جي مطابق احتياط واجب جي بنا تي روزو باطل آهي. |

**سوال1:** ڪائيندس پيئندس نہ تہ ڪمزور تي ويندس ڇا آءُ روزو ڇڏي سگھان ٿو؟

**جواب:** جي نہ.

**سوال2:** روزو رکان ٿو تہ ايتري ڪمزوري ٿئي ٿي جو سهپ کان مٿي آهي ڇا ڪيان؟

**جواب:** روزو ڇڏي سگھو ٿا پر بعد ۾ قضا ڪري رکڻو پوندو.

**سوال3:** اگر سئي injection جو استعمال بيماري ۾ دوا لاءِ هجي تہ؟

**جواب:** جائز آهي.

**سوال4:** اگر سئي injection جو استعمال ڪنهن حصي کي سُن ڪرڻ لاءِ هجي تہ ؟

**جواب:** جائز آهي.

**سوال5:** اگر سئي injection جو استعمال ڪاڌي جي کوٽ پوري ڪرڻ يا بک ختم ڪرڻ لاءِ هجي تہ ؟

**جواب:** آيت الله خوئي ۽ آيت الله سيستاني جي مطابق جائز آهي پر آيت الله خميني ۽ آيت الله خامنائي جي مطابق احتياط واجب جي بنا تي جائز نہ آهي.

## مراهين مان رت نڪرڻ

**سوال:** مراهين مان رت نڪتي خيال نہ رهيو ڳيت ڏيئي ڇڏي هاڻي روزو صحيح آهي يا نہ؟

**جواب:** اگر خيال نہ هيو ۽ بي اختيار ڳيت اچي وئي تہ روزو صحيح آهي.

**سوال:** مراهين مان نڪرندڙ رت ٿڪ سان ملي ختم ٿي وئي هجي تہ ڇا ان کي ڳيت ڏيڻ سان روزو ٽٽي پوندو؟

**جواب:** جي نہ، روزو صحيح رهندو.

**سوال:** منهنجي سامهون ڪو روزيدار جيڪڏهن ڪاڌو کائي ٿو يا پاڻي پيئي ٿو ڇا منهنجو ڏسڻ ضروري آهي؟

**جواب:** جي نہ، ضروري نہ آهي.

## گرڙا ڪرڻ

گرڙا ڪرڻ جائز آهن پر جيڪڏهن پاڻي نڙي کان هيٺ لٿو ته روزو ٽٽي پوندو.

## ڏندن جو علاج ڪرائڻ

**سوال:** ڇا ڏندن جو ڊاڪٽر رمضان مهيني ۾ ڏندن جي پرائي ۽ صفائي وغيره ڪري سگهي ٿو؟

**جواب:** جي ها.

**سوال:** جيڪڏهن مريض روزي جي حالت ۾ ڏندن جو علاج ڪرائي ته ان جو ڇا حڪم آهي؟

**جواب:** جيڪڏهن مريض کي پڪ هجي ته رت، پاڻي يا ٻئي ڪا شيءِ نڙي کان هيٺ نه ويندي ته علاج ڪرائي سگهي ٿو نه ته نه ٿو ڪرائي سگهي.

**سوال:** ڏندن واري دوا tooth paste سان ڏندڻ هڻي سگهجي ٿو ڇا صحيح رهندو؟

**جواب:** روزو صحيح رهندو، بس خيال رهي ته دوا نڙي کان هيٺ نه وڃي.

## اکين ۽ ڪنن ۾ پوندڙ ڦڙا

**توجه:** ياد رکو ته اکين ۽ ڪنن ۾ ڦڙا وجهڻ جائز آهن پر اهي ڦڙا نڙي تائين نه پهچن. نه ته روزو ٽٽي پوندو.

**سوال:** اکين ۽ ڪنن ۾ وڌل ڦڙا نڙي تائين ويندا ۽ جيڪڏهن وڃن به ته اسان کي ڪيئن خبر پوندي؟

**جواب:** اک ۽ ڪن جو نڙي سان اهڙو واسطو آهي جو ڪڏهن ڪڏهن اهي ڦڙا نڙي تائين پهچي ويندا آهن ۽ گهڻو ڪري جڏهن اهي ڦڙا نڙي تائين پهچندا آهن ته نڙي ۾ انهن جو ذائقو محسوس ٿي ويندو آهي.

**سوال:** عطر يا سئنٽ perfume روزي ۾ هڻي سگهون ٿا؟

**جواب:** جي ها، بلڪل هڻي سگهو ٿا. بلڪه مستحب آهي جنهن سان ثواب به ملندو.

## شيمپو ۽ صابڻ هڻڻ

روزي جي حالت ۾ شيمپو ۽ صابڻ هڻڻ صحيح آهي.

## وارن ۾ تيل هڻڻ يا ڪريم هڻڻ

وارن ۾ تيل هڻڻ ۽ ڪريم هڻڻ سان روزي تي ڪو فرق نه پوندو روزو صحيح آهي.

## چپن تي سُرخي lipstick هڻڻ

سُرخي هڻڻ صحيح آهي بس ان جو ذائقو نڙي تائين نه وڃي.

## ڪنهن کي رت ڏيڻ

ڪنهن کي رت ڏيڻ سان روزي تي فر ق نه پوندو روزو صحيح آهي. جيڪڏهن ڪمزوري ٿئي ته مڪروه آهي پر پوءِ به روزو صحيح آهي.

## گرڙي ڪرڻ

**سوال:** آءُ گرڙي ڪيان پيو، پاڻي بي اختيار نڙي ۾ هليو ويو ڇا روزو صحيح آهي؟

**جواب:** جيڪڏهن به ڳالهيون آهن ته روزو صحيح آهي.

1_ جيڪڏهن اها گرڙي واجب نماز جو وضو ڪندي ڪئي هجي ته روزو صحيح آهي.

2_ يا اصل توهان کان وسري ويو هجي ته توهان روزي سان آهيو ته ان حالت ۾ روزو صحيح آهي نه ته روزو صحيح نه آهي.

## 2_ مٽي ۽ دز جو نڙي تائين پهچڻ

مٽي ۽ دز جيڪڏهن نڙي تائين پهچي ته روزو ٽٽي پوندو چاهي اها دز اٽي جي هجي يا مٽي جي.

**سوال:** ڪڏهن ڪڏهن دز بلڪل هلڪي هوندي آهي جيڪڏهن اها نڙي تائين پهچي ته ڇا ان سان به روزو ٽٽي پوندو؟

**جواب:** آيت الله خميني، آيت الله سيستاني، آيت الله خامنائي جي فتوا مطابق روزو ٽٽي پوندو.

آيت الله خوئي جي فتوا مطابق احتياط واجب جي بنا تي روزو ٽٽي پوندو.

**توجهه:** هن ڇئن صورتن ۾ روزو صحيح رهندو

1_ دز فقط وات تائين پهچي نڙي تائين نه پهچي.

2_ شڪ هجي ته الائي نڙي تائين پهتي آهي الائي ناهي پهتي.

3_ ڄاڻي واڻي نه پهچائي هجي. بي اختيار پهتي هجي.

4_ اصل روزو ئي وسري ويو ۽ اهڙو ڪم ڪيائين جو دز نڙي تائين پهچي وئي.

**سوال:** آءُ اٽي جي چڪي ۾ ڪم ڪندو آهيان ۽ اٽي جي دز منهنجي نڙي ۾ ويندي آهي، ڇا آءُ روزي جي حالت ۾ اهو ڪم ڪيان؟

**جواب:** منهن تي ڪپڙو يا ماسڪ Mask وغيره چاڙهي ڪم ڪر ته جيئن دز نڙي تائين نه پهچي نه ته روزو ٽٽي پوندو.

## سگريٽ وغيره جو استعمال ڪرڻ

سگريٽ، حُقي ۽ اهڙين ٻين شين جي استعمال سان روزو ٽٽي پوندو آهي.

## اسپري Inhalar جو استعمال ڪرڻ

**سوال:** دم جو مريض آهيان Inhalar استعمال ڪرڻ مجبوري آهي. ڇا ان سان روزو ٽٽي پوندو؟

**جواب:** آيت الله خوئيءِ آيت الله خميني ۽ آيت الله سيستاني جي فتوا مطابق روزو صحيح آهي. پر آيت الله خامنائي جي فتوا مطابق احتياط واجب جي بنا تي جيڪڏهن رمضان کان پوءِ ان اسپري کان بغير قضا ڪري سگهي ٿو ته رمضان مهيني ۾ روزا ڇڏي ان وقت ۾ رکي.

## مٽي يا سيني تي بام جو استعمال

بام جي استعمال ڪرڻ سان روزو صحيح رهندو.

## گرم پاڻي جي ڪري واش روم ۾ ٿهندڙ ٻاڦ

گرم پاڻي جي ڪري واش روم ۾ ٿهندڙ ٻاڦ جيڪڏهن ساهه سان ڳڙ اندر هلي وڃي ته ڪو مسئلو نہ آهي روزو صحيح آهي.

## بسن ۽ گاڏين جو دونهون

جيڪڏهن پڪ هئي ته دونهون نڙي کان هيٺ نہ ويندو پر اچانڪ نڙي کان هيٺ هليو ويو ته ڪوئي مسئلو نہ آهي روزو صحيح آهي.

## 3_ اللهﷻ انبياء عليهم السلام ۽ معصومين عليهم السلام سان ڪوڙي ڳالهه ڳنڍڻ

روزو هجي يا نه ڪوڙ ڳالهائڻ گناه آهي.

ڪوڙي ڳالهه کي ڪنهن ٻئي سان ڳنڍڻ به گناه آهي.

هنن ٻنهي صورتن ۾ گناه آهي پر روزو نه ٽٽندو.

پر اللهﷻ انبياء عليهم السلام ۽ چوڏهن معصومن عليهم السلام سان ڪوڙي ڳالهه ڳنڍڻ سان گناه به وڏيڪ ملندو گڏوگڏ روزو به ٽٽي پوندو.

## ڪوڙي ڳالهه ڳنڍڻ جو طريقو

**مثال:** ڪو ڪم ڪندي چيو وڃي ته ان جو الله حڪم ڏنو آهي. جڏهن ته الله ان جي باري ۾ حڪم نه ڏنو هجي. نه قرآن ۾ نه حديث قدسي ۾.

**يا مثال:** ڪا ڳالهه ڪندي چيو وڃي ته هي نبي صلي الله عليه و آله وسلم يا امام عليه السلام فرمائي آهي جڏهن ته نبي صلي الله عليه و آله وسلم يا امام عليه السلام اها ڳالهه نه فرمائي هجي.

**يا مثال:** اهو سڀ ڪجهه زبان سان نه پر لڪت سان ڪري.

**ياد رکو ته:** اهو سڀ ڪجهه جيڪڏهن ڄاڻي واڻي ڪيو وڃي ته روزو ٽٽي پوندو.

**سوال:** آءُ الله پاڪ جو فرمان يا نبي صلي الله عليه و آله وسلم ۽ امام عليه السلام جو فرمان سمجهندي ماڻهن کي ٻڌايو پوءِ خبر پئي ته اهڙو ڪو فرمان آهي ئي نه. هاڻي روزي جو ڇا حڪم آهي؟

**جواب:** روزو صحيح آهي.

**سوال:** هڪ فرمان خبر نه آهي ته سچو آهي يا ڪوڙو. مطلب خبر نه آهي ته امام عليه السلام جو آهي يا نه هاڻي ڇا ڪجي؟

**جواب:** جيڪڏهن اهو فرمان بيان ڪرڻو آهي ته جنهن ڪان ٻڌو ٿا يا جتان پڙهيو هجي ان جو حوالو ڏيئي بيان ڪيو روزو صحيح آهي..

**سوال:** جيڪڏهن روزي جي حالت ۾ قرآن پڙهندي غلطيون ٿي وڃن، جڏهن ته منهنجي نيت فقط ثواب لاءِ پڙهڻ آهي. پر منهنجي قرائت صحيح نه آهي ان ڪري غلطيون ٿي وڃن ٿيون ته ڇا منهنجو روزو صحيح آهي؟

**جواب:** جي ها، توهان جو روزو صحيح آهي پر پنهنجي قرائت صحيح ڪيو.

**4_ سڄو مٿو پاڻي ۾ ٻوڙڻ**

ڄاڻي واڻي سڄو مٿو پاڻي ۾ ٻوڙڻ سان روزو ٽٽي پوندو آهي. (مطلب سڄو مٿو هڪ ئي وقت پاڻي ۾ هجي)

**توجهه:** پر هنن صورتن ۾ روزو باطل نہ ٿيندو

1_ مٿو نلڪي يا شاور جي هيٺان جهلڻ سان.

2_ مٿي جو اڌ يا ڪجهه حصو پاڻي ۾ ويو هجي.

3_ پڪ نہ هجي تہ سڄو مٿو پاڻي جي اندر ويو يا نہ.

4_ ڀُل ۾ سڄو مٿو پاڻي جي اندر هليو ويو.

5_ اوچتو پاڻي ۾ ڪري پيو ۽ سندس سڄو مٿو اندر هليو ويو.

6_ ڪنهن زبردستي مٿو پاڻي جي اندر ٻوڙيو.

**نوٽ:** آيت الله سيستاني جي فتوا مطابق سڄو مٿو پاڻي ۾ ٻوڙڻ شديد مڪروھ آهي. مطلب ثواب گهٽ ملندو پر روزو صحيح آهي ۽ گناهہ بہ نہ آهي.

## 5_ الٽي ڪرڻ

ڄاڻي واڻي الٽي ڪرڻ سان روزو ٽٽي پوندو آهي پر جيڪڏهن پاڻهي الٽي اچي وڃي ته روزو صحيح آهي.

جيڪڏهن ڪيس وسري وڃي ته روزي سان آهي ته ڄاڻي واڻي الٽي ڪرڻ سان به روزو نه ٽٽندو.

**سوال:** روزي جي حالت ۾ ڏَڪار ڏيئي سگهجي ٿو؟

**جواب:** جي ها، ڏيئي سگهجي ٿو پر جيڪڏهن ڏڪار ڏيڻ سان وات ۾ ڪا شي اچي وڃي ته ڄاڻي واڻي ان کي ڳيتڻ جي اجازت ناهي.

## 6_ استمنا ڪرڻ

**سوال:** استمنا جو مطلب ڇا آهي؟

**جواب:** همبستري (جماع) کان علاوه پنهنجي پاڻ سان ڪائي به اهڙي حرڪت ڪرڻ جنهن سان سندس جي مني نڪري اچي.

هن ڪم سان روزو ٽٽي پوندو آهي

**سوال:** ڇا نامحرم عورت کي ڏسڻ سان روزو ٽٽي پوندو؟

**جواب:** نامحرم عورت کي ڏسڻ گناه آهي پر روزو ڪونه ٽٽندو.

**سوال:** ڇا شهوت کي اڀارڻ واريون فلمون ڏسڻ سان روزو ٽٽي پوندو؟

**جواب:** شهوت کي اڀارڻ واريون فلمون ڏسڻ حرام آهن ۽ انهن تي گناه ملندو چاهي رمضان ۾ ڏٺيون وڃن يا ڪنهن ٻئي مهيني ۾. جيڪڏهن انهن فلمن کي استمنا جي نيت سان ڏٺو وڃي ۽ مني نه به نڪري تڏهن به روزو باطل آهي.

**سوال:** جيڪڏهن مني بي اختيار نڪري اچي مثال ننڊ ۾ ته ڇا ان سان روزو ٽٽي پوندو؟

**جواب:** جي نه، روزو نه ٽٽندو.

**سوال:** ڇا ان حالت ۾ روزيدار لاءِ جلدي ۾ غسل (تڙ) ڪرڻ ضروري آهي؟

**جواب:** جلدي ۾ غسل ڪرڻ ضروري ناهي. پر جيڪڏهن جلدي غسل ڪري ته ڀلي ڳالهه آهي.

**توجهه:** بس نماز جي لاءِ غسل (تڙ) ڪرڻ ضروري آهي.

**سوال:** روزيدار کي خبر آهي ته جيڪڏهن ننڊ ڪندس ته تڙ پئجي ويندو ڇا پوءِ به ننڊ ڪري سگهي ٿو؟

**جواب:** جي بلڪل، ننڊ ڪري سگهي ٿو چاهي ننڊ ۾ ان جي مني نڪري اچي پوءِ به ان جو روزو صحيح آهي.

## 7_ جماع ڪرڻ (همبستري ڪرڻ) جيئن: زال ۽ مڙس جو پاڻ ۾ ملڻ.

جماع ڪرڻ سان به روزو ٽٽي پوندو آهي پلي مني نڪري يا نه.

جماع ڪرڻ کان علاوه مڙس ۽ گهر واريءَ جو هڪٻئي کان پيو مزو وٺڻ سان روزو نه ٽٽندو .

مني کان علاوه ٻئي جيڪا به آلاڻ شرمگاه مان نڪرندي آهي ان سان روزو نه ٽٽندو آهي.

**سوال:** مڙس کي روزو نه آهي پر گهر واريءَ کي واجب روزو آهي ڇا گهر واريءَ کي همبستري جي لاءِ مجبور ڪري سگهي ٿو؟

**جواب:** جي نه. ڪيس مجبور نه ٿو ڪري سگهي.

**سوال:** جنهن جوڙي تازي شادي ڪئي هجي ۽ گهمڻ ڦرڻ لاءِ ٻئي شهر يا ٻئي ملڪ ويو هجي ڇا اهي ڏينهن جو همبستري ڪري سگهن ٿا جڏهن ته رمضان جو مهينو آهي؟

**جواب:** جيڪڏهن ڪين اتي ڏهن ڏينهن کان گهٽ رهڻو هجي ته ان حالت ۾ اهي مسافر سڏيا ويندا ان ڪري همبستري به ڪري سگهن ٿا ۽ روزو به نه رکندا.

پر جيڪڏهن ڪين ڏه يا ڏهن کان وڌيڪ ڏينهن رهڻو هجي ته پوءِ ڪين روزو به رکڻو پوندو ۽ همبستري به نه ٿا ڪري سگهن.

## 8_ جنابت جي حالت ۾ صبح جي آذان تائين باقي رهڻ

**سوال:** جنابت (تڙ) هجڻ جي صورت ۾ جيڪڏهن صبح جي آذان کان اڳ ۾ نه وهنجي ۽ جيڪڏهن ذميداري تيمم ڪرڻ هجي اهو به نه ڪري ته ڇا روزو ٽٽي پوندو؟

**جواب:** جيڪڏهن ڄاڻي واڻي نه وهنجي يا تيمم به نه ڪري ته رمضان جو روزو يا رمضان جي روزي جي قضا هجي ته روزو ٽٽي پوندو . پر جيڪڏهن مستحب روزو هجي ته روزو صحيح آهي.

**سوال:** رمضان ۾ هڪ ماڻهو کان غسل (ڪري تڙ لاهڻ) وسري ويو ۽ ڪجھ ڏينهن کان پوءِ ياد آيس ته هاڻي ان جي روزن جو ڇا حڪم آهي؟

**جواب:** ڪيس انهن سيني ڏينهن جا روزا ۽ گڏوگڏ نمازون قضا ڪرڻيون پونديون.

**سوال:** رمضان ۾ هڪ ماڻهو کي غسل (تڙ) پئجي ويو. هاڻي هي ڄاڻي ٿو ته جيڪڏهن آءُ سمهندس ته صبح جي آذان کان پهريان نه اٿي سگهندس ته ڇا هي سمهي سگهي ٿو؟

**جواب:** جي نہ، هي نہ ٿو سمهي سگهي. جيڪڏهن هي سمهي پيو ۽ صبح جي آذان کان پوءِ سجاڳ ٿيو تہ هن جو روزو ٺٺي پوندو.

**سوال:** رمضان جي رات آهي، هڪ ماڻهو صبح جي آذان کان پهريان سمهي پيو ۽ صبح جي آذان کان پوءِ سجاڳ ٿيو ڏٺائين تہ ڪيس غسل (تڙ) پئجي ويو آهي. هاڻي ڪيس خبر نہ آهي تہ اهو غسل (تڙ) ڪيس صبح جي آذان کان پهريان پيو آهي يا پوءِ تہ هاڻي سندس روزي جو ڇا حڪم آهي؟

**جواب:** سندس روزو صحيح آهي.

**سوال:** هڪ ماڻهو ڄاڻي واڻي غسل ڪرڻ (۽ تڙ لاهڻ) ۾ ايتري تہ دير ڪئي جو هاڻي صبح جي آذان ۾ ايترو ٿورو وقت بچيو آهي جو تڙ نہ ٿو لاهي سگهي هاڻي ڇا ڪري؟

**جواب:** هن ماڻهو ايتري دير ڪري گناهہ ڪيو آهي. پر هاڻي تيمم ڪري روزو رکي صحيح آهي.

## لاش (ميت) ڪي هٿ لائڻ ۽ روزو

**سوال:** جيڪڏهن ڪنهن ڪي ميت ڪي هٿ لائڻ وارو غسل (تڙ) هجي ته ڇا روزو رکي سگهي ٿو؟

**جواب:** جي ها، ان غسل سان روزو رکي سگهي ٿو. پر نماز پڙهڻ لاءِ کيس غسل ڪرڻو پوندو.

## 9_ عورت جو حيض يا نفاس کان پاڪ ٿيڻ کان پوءِ به صبح جي آذان کان پهريان غسل نه ڪرڻ

جيڪڏهن ڪا عورت صبح جي آذان کان پهريان پاڪ ٿي وئي آهي ته ان جي لاءِ ضروري آهي ته صبح جي آذان کان پهريان غسل ڪري.

جيڪڏهن غسل ڪرڻ جو وقت نه اٿس ته تيمم ڪري ۽ روزو رکي.

**سوال:** ڇا ان تيمم سان صبح جي نماز به پڙهي سگهي ٿي؟

**جواب:** جي نه، نماز جي لاءِ کيس غسل ڪرڻو پوندو.

**سوال:** اها عورت جيڪڏهن پاڪ ٿيڻ کان پوءِ به غسل نه ڪري ۽ تيمم به نه ڪري ته؟

**جواب:** سندس ان ڏينهن جو روزو صحيح نه ٿيندو جيڪڏهن رمضان يا رمضان جي قضا جو روزو هجي ته. پر سندس مستحب روزو پوءِ به صحيح آهي.

**سوال:** جيڪڏهن عورت ڏينهن جو پاڪ ٿئي ته؟

**جواب:** ان ڏينهن جو روزو نه ٿي رکي سگهي پوءِ کيس قضا ڪرڻي پوندي.

**سوال:** جيڪڏهن عورت کي روزي جي حالت ۾ حيض يا نفاس اچي وڃي ته ؟

**جواب:** سندس روزو ٽٽي پوندو پلي روزي جي وقت ختم ٿيڻ ۾ ٿورو ئي وقت بچيو هجي. پر ان روزي ٽٽڻ جو عورت مٿان ڪو گناهه نه آهي. بس بعد ۾ کيس ان روزي جي قضا ڪرڻي پوندي.

**سوال:** صبح جي آذان ڪان پوءِ خبر پئي تہ آذان ڪان پهريان ئي پاڪ ٿي وئي هئي تہ هاڻي ڇا ڪري؟

**جواب:** جيڪڏهن ان وقت تائين روزي کي ٽوڙڻ وارو ڪو ڪم نہ ڪيو اٿس تہ سندس روزو صحيح آهي. نہ تہ روزو ٽٽي پوندو بعد ۾ ڪيس قضا ڪرڻي پوندي.

**سوال:** ڇا عورت پنهنجي ماهواري عادت کي تبديل ڪرڻ جي لاءِ ٽِڪيون کائي سگهي ٿي؟

**جواب:** جيڪڏهن ٽڪيون کائڻ ان لاءِ نقصانڪار نہ هجن ۽ عورت روزي ۾ بہ نہ هجي تہ ٽڪيون کائي سگهي ٿي کائڻ جائز آهن.

## 10. ڪنهن وهندڙ شي سان حقنو ڪرڻ

حقني جو مطلب قبضي کي ختم ڪرڻ لاءِ پوئين شرمگاهہ ۾ دوا وجهڻ آهي. پوءِ اها دوا خشڪ هجي تہ روزو صحيح آهي. جيڪڏهن وهندڙ (آلي ۽ پاڻياٺي) هجي تہ روزو ٽٽي پوندو.

## اعتڪاف

يعني ڪجھ شرطن جو خيال ڪندي مسجد ۾ رهڻ. هي هڪ مستحب عبادت آهي.

**معتڪِف:** يعني اعتڪاف ڪرڻ وارو.

**سوال1:** ڇا اعتڪاف واجب ٿي سگهي ٿو؟

**جواب:** جي ها، باس باسڻ ۽ قسم وغيره ذريعي اعتڪاف واجب ٿي سگهي ٿو.

## اعتڪاف جون شرطون:

**1_ اعتڪاف ڪرڻ وارو عاقل هجي.**

**2_ نيت:**

قربةَ الي الله، الله جو قرب حاصل ڪرڻ لاءِ هڪ مستحب عمل (اعتڪاف) انجام ڏيان ٿو.

نيت زبان سان ادا ڪرڻ ضروري ناهي فقط دل ۾ ارادو ڪري ته به ڪافي آهي.

**3_ اعتڪاف ڪرڻ واري جو روزيدار هجڻ:**

اعتڪاف روزي رکڻ کان سواءِ نه ٿو ٿي سگهي. پوءِ چاهي هي روزو رمضان جو هجي، قضا هجي يا مستحب هجي، ان سان اعتڪاف تي ڪو فرق نه ٿو پوي.

**4_ اعتڪاف جي مدت:**

اعتڪاف جي مدت گهٽ ۾ گهٽ ٽي 3 ڏينهن آهي وڌيڪ جي ڪا حد ناهي.

**5_ اعتڪاف ڪهڙي مسجد ۾ هجي:**

1_ مسجد الحرام (ڪعبة الله شريف واري مسجد)

2_ مسجد نبوي (جتي نبي ڪريم صلي الله عليہ و آلہ وسلم جو روضو آهي)

3_ مسجد ڪوفہ

4_ مسجد بصره

5_ ان ڪان سواءِ شهر يا ڳوٺ جي جامع مسجد ۾ رجاءِ مطلوبيت يعني ان اميد سان ته الله جو مطلوب عمل آهي اعتڪاف ڪري سگهجي ٿو.

**سوال2:** رجاءِ مطلوبيت يعني؟

**جواب:** ان اميد سان ڪم انجام ڏجي ته اهو ڪم الله پاڪ جي چاهت آهي.

**سوال3:** جامع مسجد يعني؟

**جواب:** جنهن مسجد ۾ گهڻا ماڻهو گڏ ٿيندا هجن.

**سوال4:** ڇا ان مسجد ۾ جمع نماز ٿيڻ ضروري آهي؟

**جواب:** جي نه.

**6_ ڪجھ ماڻهن لاءِ اجازت وٺڻ ضروري آهي.**

1_ **گهرواريءَ:** جيڪڏهن اعتڪاف ۾ ويهڻ چاهي ته سندس لاءِ مڙس جي اجازت ضروري آهي.

2_ **اولاد:** جيڪڏهن ماءُ پيءُ کي اولاد جي اعتڪاف ۾ ويهڻ سان تڪليف ٿئي ته اولاد لاءِ انهن کان اجازت وٺڻ ضروري آهي.

7_ اعتڪاف جي دوران مسجد ۾ رهڻ، ٻاهر نه نڪرڻ.

**سوال:** آءٌ اعتڪاف ڪرڻ چاهيان ٿو. منهنجو اعتڪاف ڪڏهن کان شروع ٿيندو؟ نيت ڪنهن وقت ڪيان؟

**جواب:** جيڪڏهن توهان مثلا: اربع، خميس ۽ جمعو اهي ٽي ڏينهن اعتڪاف ڪرڻ چاهيو ٿا ته:

اعتڪاف جي ابتدا اربع تي صبح جي آذان کان ٿيندي. يعني آزان کان پهريان مسجد پهچي وڃو ۽ اعتڪاف جي نيت ڪيو.

۽ اعتڪاف جمعي جي ڏينهن سج لٿي جي آذان کان پوءِ ختم ٿيندو.

يعني ٽي 3 ڏينهن ۽ ٻه 2 راتيون مسجد ۾ رهڻ ضروري آهي.

مستحب اعتڪاف پهرئين ۽ ٻئي ڏينهن ٽوڙڻ جائز آهي. ٽيون ڏينهن شروع ٿيڻ کان پوءِ اعتڪاف نہ ٽو ٽوڙي سگهجي.

اهڙي ريت چوٿين ۽ پنجين ڏينهن اعتڪاف ٽوڙي سگهجي ٿو. ڇهون ڏينهن شروع ٿيڻ کان پوءِ اعتڪاف نہ ٿو ٽوڙي سگهجي.

**نتيجو:** هر ٽئين ڏينهن اعتڪاف نہ ٿو ٽوڙي سگهجي.

**سوال:** اعتڪاف جي دوران پنهنجي مرضي سان ڄاڻي واڻي مسجد کان ٻاهر ويس تہ اعتڪاف جو ڇا حڪم آهي؟

**جواب:** اعتڪاف باطل (ٽي ويو يعني ٽٽي پيو) آهي. چاهي حڪم جي خبر هئي يا نہ هئي.

**استثناء (يعني انهن حڪمن ۾ڪجهہ الڳ حڪم)**

ڪجهہ ضرورتن جي ڪري اعتڪاف جي دوران مسجد کان ٻاهر نڪري سگهجي ٿو ۽ اعتڪاف بہ صحيح رهندو.

**مثال:** پيشاب جي لاءِ باٿ روم ڏانهن.

غسل (ڪري ٽڙ لاهڻ) لاءِ واش روم ڏانهن

بيمار کان پڇڻ لاءِ ۽ جنازي ۾ شرڪت لاءِ.

## اعتڪاف جي دوران ڪجھ شيون حرام آهن

1_ همبستري ڪرڻ

2_ پيو ڪوئي جنسي مزو وٺڻ ايستائين جو مزي وٺڻ جي نيت سان ڪنهن کي هٿ لائڻ بہ حرام آهي.

3_ استمنا (همبستري کان علاوه مني ڪڍڻ)

4_ خوشبو هڻڻ

5_ ڪا شيءِ وٺڻ يا وڪڻڻ. پر کائڻ پيئڻ جي ڪا شيءِ وٺڻ تي مجبور هجي تہ پوءِ جائز آهي

6_ ڪاروبار ڪرڻ

7_ پنهنجي وڏائي ڏيکارڻ لاءِ بحث مباحثو ڪرڻ، پر ديني عنوانن تي الله جي رضا خاطر بحث مباحثو جائز آهي.

8_ مسجد ۾ ڪنهن کي اٿاري ان جي جڳھ تي پاڻ ويهڻ بہ حرام آهي. اهڙي طرح پرائي بستري تي سمهڻ بہ حرام آهي.

## عيد جي چنڊ جي باري ۾ سوال ۽ جواب

**سوال1:** ڇا منهنجي لاءِ چنڊ جي تحقيق ڪرڻ ضروري آهي؟

**جواب:** جي نہ.

**سوال2:** جيڪڏهن مون کي خبر پئجي وڃي تہ چنڊ نظر اچي ويو آهي تہ ڇا ٻين کي ٻڌائڻ واجب آهي؟

**جواب:** جي نہ.

**سوال3:** آءُ پاڻ چنڊ ڏٺو آهي. ڇا آءُ سياڻي عيد ڪري سگهان ٿو؟

**جواب:** جي ها, توهان جي لاءِ سياڻي عيد ڪرڻ ضروري آهي.

**سوال4:** عيد ملهائڻ جي لاءِ ڇا ڪرڻ ضروري آهي؟

**جواب:** بس ٻن شين جو خيال رکو:

**الف)** جيڪڏهن توهان مٿان فطرو واجب آهي تہ ڪڍي ڇڏيو.

**ب)** عيد جي ڏينهن روزو رکڻ حرام آهي.

**سوال5:** عيد جي نماز مستحب آهي يا واجب آهي؟

**جواب:** امام جي غيبت جي زماني ۾ واجب نہ آهي, مستحب آهي.

سوال6: پاڻ چنڊ ڏسڻ کان علاوه ٻئي ڪا صورت چنڊ کي ثابت ڪري ٿي؟

**جواب:**

**الف)** جيڪڏهن هڪ شخص جي چوڻ سان دل مطمئن ٿئي تہ چنڊ ثابت ٿي ويندو.

**ب)** ٻن 2 پرهيزگار ماڻهن جي گواهي سان چنڊ ثابت ٿي ويندو.

**ج)** ايترا ماڻهو چنڊ ڏسڻ جي گواهي ڏين جو دل کي يقين ٿي وڃي.

**سوال7:** جيڪڏهن ڪو شخص سائنسي تحقيق سان چنڊ ڏسڻ جي باري ۾ ٻڌائي ته ڇا انهيءَ ڪي مڃي سگهون ٿا؟

**جواب:** جيڪڏهن توهان کي يقين ٿي وڃي ته بلڪل مڃي سگهو ٿا.

**سوال8:** منهنجي لاءِ چنڊ ثابت ٿي ويو آهي پر منهنجي گهر واريءَ نه ٿي مڃي، مان ڇا ڪريان؟

**جواب:** جيڪڏهن توهان جي گهرواريءَ جي لاءِ چنڊ ثابت نه ٿيو آهي ته انهيءَ جي لاءِ مڃڻ ضروري نه آهي.

**سوال9:** ڇا اهو صحيح آهي ته آءُ سڄو ڏينهن ڪائيندو رهان ۽ هوءَ ڏسندي رهي؟

**جواب:** توهان انهيءَ خاطر يا ته نه ڪائو يا سندس سامهون نه ڪائو. ڇو جو ڪنهن ٻه مجتهد نه چيو آهي ته عيد جي ڏينهن ماني کائڻ ضروري آهي.

## چنڊ ڏسڻ جو خلاصو

ڇيڪڏهن چنڊ نظر اچي وڃي ته صبح تي عيد آهي

جيڪڏهن چنڊ نه ڏيکارجي ته پوءِ صبح جو روزو رکڻ واجب آهي.

جيڪڏهن خبر نه پوي ته چنڊ ڏسڻ ۾ آيو يا نه ته روزو رکڻ واجب آهي ۽ عيد نه آهي.

## ڪجھ عام احڪام

جيڪڏھن روزي ڪي ٽوڙڻ وارين شين مان ڪا به ڀل ۾ ٿي وڃي ته ان سان روزو نه ٽٽندو

جيڪڏھن ڀل ۾ روزي ڪي ٽوڙڻ واري ڪا شيء ٿي وڃي ۽ انسان اهو سمجهي ته هاڻي روزو ٽٽي پيو آهي ان ڪري وري ڪائڻ يا پي ڪا روزي ڪي ٽوڙڻ واري شيء ڪري وجهي ته روزو ٽٽي پوندو .

جيڪڏھن زبردستي ڪندي ڪوئي ڪجھ ڪارائي يا پاڻي ۾ ڏڪو ڏئي ۽ سڄو مٿو پاڻي اندر هليو وڃي ته ان صورت ۾ روزو صحيح آهي.

پر

جيڪڏھن ڪو مجبور ڪري ته ڪجھ ڪاءُ يا پيءُ نه ته آءُ تو ڪي گولي هڻدس ۽ روزيدار به گولي جي ڊپ کان پنھنجي هٿن سان ڪجھ ڪاڌو يا پيتو ته هن تمام ڀلو ڪم ڪيو آهي ۽ هن تي ڪو به گناه نه آهي پر سندس روزو ٽٽي پيو جنهن جي ڪيس قضا ڪرڻي پوندي.

**توجھ:** رمضان ۾ جيڪڏھن ڪو بغير ڪنهن سبب جي روزو نه رکي يا روزي ڪي ٽوڙي ڏڏهن به سانجهي جي آذان تائين ڪيس ڪجھ به ڪائڻ پيئڻ يا روزي ڪي ٽوڙڻ واري ڪنهن ٻئي ڪم ڪرڻ جي اجازت نه اٿس.

## رمضان مهيني جي روزي ڇڏڻ جو ڪفارو (ڏنڊ)

چاڻي واڻي رمضان جو روزو نہ رکڻ يا روزو ٽوڙڻ جي ڪري جيڪو ڏنڊ پرڻو پوندو آهي ان کي ڪفارو چوندا آهن.

**سوال:** ڪفاري ۾ ڇا ڪرڻو پوندو آهي؟

**جواب:**

**الف)** هڪ غلام کي آزاد ڪرائڻ

يا

**ب)** 60 روزا رکڻ جن مان پهريان 31 لڳاتار رکڻ ضروري آهن.

يا

**ج)** 60 مومن فقيرن کي کاڌو کارائڻ

**توجھ:** جيڪڏهن روزو ڪنهن اهڙي شيءِ سان ٽوڙيو آهي جيڪا حرام هجي مثال شراب يا زنا، تہ پوءِ ٽيئي ڏنڊ ادا ڪرڻا پوندا.

**سوال2:** اڄ جي زماني ۾ تہ غلام آهن ئي نہ تہ پوءِ ؟

**جواب:** باقي ٻہ ڏنڊ ادا ڪرڻا پوندا بس .

**سوال3:** کاڌو کارائڻ مان ڇا مطلب آهي ؟

**جواب:** کاڌو تيار ڪري 60 مومن فقيرن کي پيٽ ڀري کارائي يا 60 مؤمن فقيرن کي 750 گرام يعني ٽي پاءُ اٽو يا چانور ڏنا وڃن.

**سوال4:** ڇا اٽي ۽ چانورن جي بدلي فقيرن کي انهن جي قيمت ڏئي سگهون ٿا؟

**جواب:** جي نہ، اٽو يا چانور ئي ڏيڻا پوندا.

پر جيڪڏهن قيمت ڏني وڃي تہ ان کي پابند ڪيو ويندو تہ انهن پيسن مان اٽو يا چانور ئي وٺي ۽ توهان کي پڪ هجي تہ اهو ماڻهو ان پابندي تي عمل بہ ڪندو.

**سوال 5:** ڇا 60 جو عدد پورو ڪرڻ ضروري آهي؟ هڪ ئي فقير کي 60 فقيرن جو حصو ڏئي سگهجي ٿو؟

**جواب:** نہ 60 جو عدد پورو ڪرڻو پوندو.

**سوال6:** ڪفارو ڪڏهن واجب ٿيندو آهي ؟

**جواب:** جڏهن روزو نہ رکي يا روزو ٽوڙي ڇڏي.

اهو ڪم ڄاڻي واڻي ڪيو هجي.

پنهنجي ارادي سان ڪيو هجي.

۽ ڪنهن مجبور نہ ڪيو هجي.

**سوال7:** جيڪڏهن ڪنهن کي خبر ئي نہ هجي تہ هن ڪم سان روزو ٽٽي پوندو تہ؟

**جواب:** اهو ڪفارو (ڏنڊ) نہ ڏيندو فقط روزي جي قضا ڪندو, سواء ٻن صورتن جي جيڪڏهن اهي ٻہ صورتون هجن تہ پوءِ قضا ڪرڻ سان گڏو گڏ کيس ڪفارو (ڏنڊ) بہ ڏيڻو پوندو.

1_ شريعت جو حڪم سمجهڻ ۾ ڪوتاهي ڪئي هجيس ۽ روزو نہ رکڻ يا ٽوڙڻ وقت ٿورو بہ ذهن ۾ اندازو هيس تہ ان سان روزو ٽٽي پوندو تہ کيس (قضا ۽ ڪفارو) ٻئي ادا ڪرڻا پوندا.

2_ الله, انبياء عليهم السلام ۽ معصومين عليهم السلام سان ڪوڙي ڳالهہ ڳنڍيڻ. چاهي کيس خبر هجي يا نہ هجي تہ ان سان روزو ٽٽي پوندو. (قضا ۽ ڪفارو ٻئي ادا ڪرڻا پوندا)

## ان سان مليل ڪجهہ احڪام

**سوال:** هڪ دفعو روزي کي ٽوڙڻ وارو ڪم ڪيو روزو ٽٽي پيو ۽ ڪفارو بہ ٿي ويو ۽ ٿوري دير کان پوءِ وري ٻيهر روزي کي ٽوڙڻ وارو ڪم ڪيو تہ ڇا مونکي ٻہ دفعہ ڪفارو ادا ڪرڻو پوندو ؟

**جواب:** جي نہ, فقط جماع ( همبستري) جي صورت ۾ جيترا ڀيرا جماع ڪيو ويندو اوترا ڀيرا ڪفارو ادا ڪرڻو پوندو.

**سوال:** آءُ روزو ٽوڙي ٻئي شهر سفر تي هليو ويس ڇا مون تا ڪفارو معاف ٿي ويو؟

**جواب:** جي نہ, ڪفارو ادا ڪرڻو پوندو.

**سوال:** ڇا ڪفارو جلدي ۾ ادا ڪرڻ ضروري آهي؟

**جواب:** جلدي ۾ ادا ڪرڻ ضروري ناهي پر ايتري بہ دير نہ ڪري جو ائين لڳي جو کيس ڪفاري ادا ڪرڻ جي ڪا پرواهہ ئي نہ آهي.

**سوال:** هڪ سال ٿي ويو آهي آءُ ڪفارو ادا نہ ڪيو آهي ڇا ان دير جي ڪري ڪو وڌيڪ ڪفارو ڏيڻو پوندو ؟

**جواب:** جي نہ.

**سوال:** مون تي ڪفارو واجب آهي نہ آءُ 60 فقيرن کاڌو کارائي سگھان ٿو ۽ نہ وري 60 روزا رکي سگھان ٿو هاڻي آءُ ڇا ڪيان؟

**جواب:** جيترن فقيرن کي کاڌو کارائي سگھو ٿا انهن کي کارايو ۽ استغفرالله چئي استغفار ڪيو.

جيڪڏهن هڪ فقير کي بہ نٿا کارائي سگھو تہ فقط استغفرالله چئي استغفار ڪيو ۽ پوءِ جڏهن ٿي سگھي تہ ڪفارو ادا ڪجو.

**سوال:** غير سيد جو ڪفارو سيد کي ڏئي سگھجي ٿو؟

**جواب:** ڏيڻ جائز تہ آهي پر بهتر آهي نہ ڏيو.

**سوال:** مومن فقير جو مطلب؟

**جواب:** مومن 12 امامن کي مڃڻ وارو شيعو .

**فقير:** جنهن جي پنهنجي ماحول جي حيثيت مطابق آمدني گھٽ ۽ خرچ وڌيڪ هجي.

## رمضان مهيني جي قضا روزي کي ٽوڙڻ جو ڪفارو.

**اهم ڳالھ:** هڪ رمضان ۾ قضا ٿيل روزا ٻئي رمضان کان پهريان رکڻ ضروري آهن.

رمضان جو قضا روزو رکڻ کان پوءِ ٻيپهري جي آذان کان پهريان پهريان ٽوڙڻ جي اجازت آهي ان جو ڪو ڪفارو (ڏنڊ ) ناهي بس وري ساڳيو روزو رکڻو پوندو.

پر ٻيپهري جي آذان اچڻ کان پوءِ اجازت ناهي جيڪڏهن ٽوڙيو ويو تہ ڪفارو ڏيڻو پوندو.

**ياد رکو:** رمضان جو قضا روزو ٻيپهري جي آذان کان پهريان پهريان ٽوڙڻ جي اجازت تڏهن آهي جڏهن رمضان اچڻ ۾ ايترا ڏينهن هجن جو پنهنجا قضا روزا رمضان کان پهريان رکي سگھجن، نہ تہ نٿو ٽوڙي سگھي.

**سوال:** آءُ ڪنهن مرحوم جا روزا رکي رهيو آهيان ڇا آءُ بہ ٻيپهري جي آذان کان پوءِ روزو نٿو ٽوڙي سگھان؟

**جواب:** جي نہ، توهان ٻيپهري جي آذان کان پوءِ بہ روزو ٽوڙي سگھو ٿا.

**سوال:** قضا روزو ٽوڙڻ جو ڪفارو ڇا آهي؟

جواب: ڏهه 10 مومن فقيرن کي پيٽ ڀري کاڌو کارائڻ.

يا

انهن کي ٽي 3 پاءُ اٽو يا چانور ڏيڻ.

جيڪڏهن اهي ٻئي نه ٽي سگهن ته لڳاتار 3 روزا رکڻ.

**ياد رکو ته:** انهن فقيرن کي قيمت نٿي ڏئي سگهجي. جيڪڏهن قيمت ڏيٽي آهي ته انهن کي پابند ڪيو وڃي ته هو اٽو يا چانور ئي وٺن ۽ پاڻ کي پڪ به هجي ته اهي فقير ان پابندي تي عمل به ڪندا.

ڏهن 10 فقيرن جو عدد پورو ڪرڻ ضروري آهي. ڪنهن هڪ کي ئي ڏهن فقيرن جو اٽو يا چانور نٿا ڏئي سگهجن.

## هڪ رمضان ۾ قضا ٿيل روزا ايندڙ رمضان تائين نہ رکڻ جو ڪفارو:

**سوال:** هڪ شخص بيمار هيو رمضان جا پنج 5 روزا نہ رکي سگهيو رمضان کان پوءِ صحت مند ٿي ويو پر روزا نہ رکي سگهيو ايستائين جو ٻيو رمضان اچي ويو يا ٻئي رمضان ۾ 5 ڏينهن رهجي ويا ۽ روزا بہ 5 پنج ئي قضا هيس، رکڻ چاهي پيو پر بيمار ٿي پيو ۽ قضا روزا نہ رکي سگهيو هاڻي ڇا حڪم آهي؟

**جواب:** انهن ٻنهي صورتن ۾ ان شخص تي ضروري آهي تہ قضا کان علاوه دير ڪرڻ جو ڪفارو بہ ادا ڪري.

**نوٽ:** جيڪڏهن ڪنهن شخص ڄاڻي واڻي رمضان جو روزو نہ رکيو يا روزو ٽوڙي ڇڏيو تہ ان شخص جي لاءِ ضروري آهي تہ ايندڙ رمضان کان پهريان قضا رکي ڇڏي نہ تہ وري ڪيس ڪفاري سان گڏوگڏ دير ڪرڻ جو ڪفارو بہ ادا ڪرڻو پوندو.

**سوال:** روزي ۾ دير ڪرڻ جو ڪفارو ڪيترو آهي؟

**جواب:** هر روزي جي بدلي ۾ ٽي 3 پاءُ اٽو يا چانور ڪنهن مومن فقير کي ڏيڻا پوندا.

**نوٽ:** مومن فقير جا باقي سڀ احڪام اهي ئي آهن جيڪي گذري چڪا آهن.

## فديو معني "بدل" يا "عوض"

**سوال:** ڪنهن جو بدل؟ ڪنهن جو عوض؟

**جواب:** روزي نہ رکڻ جو بدل يا عوض ۽ ان جون ڪجھ شرطون

فديو ڪير ادا ڪندو؟

**1**_ ضعيف مرد يا عورت.

2_ گهٽي اڄ وارو مريض

**3**_ حاملہ عورت

4_ ٻار کي کير پيارڻ واري عورت

**5**_ اهو شخص جيڪو ڪنهن بيماري جي سبب روزو نہ رکي سگهي ۽ اها بيماري ٻي رمضان تائين باقي رهي.

## ڪجھ وضاحت

### 1_ ضعيف مرد يا عورت

**سوال:** جيڪو مرد يا عورت ضعيف آهي يا پوڙهائپ جي سبب روزو نٿو رکي سگهي يا روزو رکڻ ان لاءِ تمام مشڪل آهي ان جو حڪم ڇا آهي؟

**جواب:** ان تي روزو رکڻ واجب نہ آهي بلڪہ هر روزي جي بدلي ۾ فديو ادا ڪندو.

**نوٽ:** اگر سال جي دوران موسم ٿڌي ٿي وڃي ڏينهن ننڍا ٿي وڃن ۽ روزو رکڻ ان لاءِ ممڪن هجي تہ انهن روزن جي قضا ڪرڻ واجب ۽ ضروري آهي. ليڪن اگر ممڪن نہ هجي تہ قضا واجب نہ آهي.

### 2_ گهڻي اڃ لڳڻ جي مرض ۾ مبتلا ماڻهو

**سوال:** اهي ماڻهو جيڪي گهڻي اڃ لڳڻ جي مرض ۾ مبتلا آهن ان ڪري روزو نٿا رکي سگهن يا روزو رکڻ انهن لاءِ وڏي تڪليف جو سبب آهي انهن جو ڇا حڪم آهي؟

**جواب:** انهن تي ڪو روزو رکڻ واجب نہ آهي هر روزي جي بدلي فديو ڏيندا.

**ياد رکو:** جيڪڏهن انهن مريضن لاءِ سال ۾ ڪنهن بہ وقت روزو رکڻ ممڪن هجي تہ روزو رکڻ واجب آهي.

### 3_ پيٽ واري عورت

**سوال:** جنهن عورت جي ويم جو وقت قريب هجي ۽ روزو رکڻ انهي لاءِ يا ٻار لاءِ نقصانڪار هجي تہ ڇا ڪري؟

**جواب:** ان لاءِ روزو رکڻ ضروري نہ آهي هر روزي جي لاءِ فديو ڏيندي ۽ جيڪڏهن روزو رکڻ جي قابل ٿي وڃي تڏهن قضا ڪندي.

**4_ ٻار کي کير پيارڻ واري عورت**

جنهن عورت جو کير گهٽ هجي ۽ ٻي ڪا عورت ٻه ناهي جيڪا سندس ٻار کي کير پياري. ڊٻي وارو کير ٻه ٻار جي لاءِ صحيح ناهي ته ان عورت لاءِ ڇا حڪم آهي؟

**جواب:** ان جي لاءِ روزو رکڻ جائز ئي ناهي.

هر روزي جي بدلي کيس فديو ادا ڪرڻو پوندو **بعد ۾ جڏهن روزو رکڻ جي قابل ٿئي ته رکي ڇڏي.**

**5_ بيمار**

**سوال:** اهو شخص جنهن بيماري جي ڪري روزا نه رکيا آهن ۽ سندس بيماري ٻئي رمضان تائين جاري رهي ته ان جي لاءِ ڇا حڪم آهي؟

**جواب:** ان تي روزن جي قضا ڪرڻ واجب نه آهي فقط هر روزي جي بدلي کيس فديو ادا ڪرڻو پوندو.

**سوال:** اهڙي طرح جيڪڏهن مجبوري يا سبب متجي وڃي مثال بيماري جي ڪري روزا نه رکي سگهيو رمضان کان پوءِ سفر تي هليو ويو ۽ ٻئي رمضان تائين سفر ۾ رهيو ان جي لاءِ ڇا حڪم آهي؟

**جواب:** ان جو ٻه اهو ئي حڪم آهي ته مٿس فقط قضا واجب آهي فديو واجب ناهي.

**سوال:** جيڪڏهن قضا روزا رکڻ ۾ هڪ سال کان وڌيڪ دير ڪري ته ڇا کيس فديو وڌيڪ ڏيڻو پوندو؟

**جواب:** فديو فقط هڪ دفعو 3 پاءُ اٽو يا چانور ڪڍڻ کان پوءِ ٻيهر ڪو ٻه فديو نه آهي چاهي ڪيترا سال ٻه روزا رکڻ ۾ دير ڪري کيس فديو ادا نه ڪرڻو پوندو.

## قضا روزن جي باري ۾ اهم ڳالهيون

**سوال:** جيڪڏهن ڇريو ٺيڪ ٿي وڃي ته ڇريائي جي زماني ۾ ڇڏيل روزا قضا ڪندو يا نه؟

**جواب:** جي نه.

**سوال:** جيڪڏهن ڪافر مسلمان ٿي ويو ته ڇا ڪافر هجڻ جي زماني وارا روزا رکندو؟

**جواب:** جي نه.

**سوال:** جيڪڏهن مسلمان ڪافر ٿي وڃي ۽ وري مسلمان ٿي وڃي ته ڇا جيڪي روزا ڪافر ٿيڻ جي وقت نه رکيائين ڪيس انهن جي قضا ڪرڻي پوندي ؟

**جواب:** جي ها.

**سوال:** جيڪڏهن انسان مست يا بي هوش ٿي وڃي ته ڪيس قضا رکڻي پوندي يا نه؟

**جواب:** جي ها، ان سان ڪو به فرق نه پوندو ته شراب پي بي هوش ٿي ويو آهي يا دوا جي پيڻ سبب يا ڪنهن ٻئي سبب جي ڪري. دوا به علاج جي لاءِ استعمال ڪئي اٿس يا ڪنهن ٻي سبب جي ڪري.

**سوال:** مون کي خبر نه آهي ته ڪيترا روزا قضا ڪيا آهن مثال : 5 آهن يا 6؟

**جواب:** جن جي باري ۾ 100 فيصد يقين هجي اهي روزا رکڻا پوندا.

**6. قضا روزا رکڻ ۾ ترتيب**

**سوال:** مون تي 2010 جي رمضان جا 5 ۽ 2011 جي رمضان جا 4 روزا رهيل آهن ڇا قضا رکڻ وقت ترتيب جو خيال ڪرڻو پوندو ته پهريان 2010 ۽ پوءِ 2011 جا قضا رکيا وڃن؟

**جواب:** ترتيب ضروري نه آهي فقط هڪ صورت ۾ ترتيب جو خيال ڪرڻو پوندو جڏهن گذريل رمضان جا قضا ٿيل روزا ۽ ايندڙ رمضان ۾ اوترا ئي ڏينهن باقي هجن ته پهريان گذريل سال جا رهيل روزا رکڻ ضروري ٿي ويندا.

**سوال:** جيڪڏهن ڪنهن شخص بيماري يا ڪنهن عورت حيض يا نفاس جي ڪري روزا نہ رکيا ۽ ان کان پھريان جو رمضان جو مهينو ختم ٿئي ان شخص يا عورت جو انتقال ٿي ويو تہ ڇا جيڪي روزا ڇڏيا ويا اهي قضا سمجهيا ويندا؟

**جواب:** جي نہ.

## ٻہ اهم ڳالهيون

**سوال:** ڇوڪري بالغ آهي بيمار بہ ناهي پر روزو نٿي رکي سگهي ۽ اهو سلسلو سڄو سال رهي ٿو ايستائين جو ٻيو رمضان اچي وڃي ٿو تہ ڇا هن تان روزن جي قضا معاف آهي؟

**جواب:** جي نہ، قضا باقي رهندي، پر فديو معاف اٿس.

**سوال:** جواني ۾ روزا نہ رکيا هاڻي پوڙهو ٿي ويو آهيان، قضا روزا نٿو رکي سگهان توبہ بہ ڪئي آهي ڇا مون تان قضا معاف آهي؟

**جواب:** جي نہ.

**سوال:** تہ پوءِ ڇا آءَ زندگي ۾ ئي پنهنجو اجير ٻڌائي اجرت تي روزا رکرائي سگهان ٿو؟

**جواب:** جي نہ، بلڪہ وصيت ڪري ڇڏيو تاڪہ مرڻ کان پوءِ وارث رکرائن.

## ماءُ پيءَ جا قضا روزا

وڏي پٽ تي ماءُ پيءَ جا قضا روزا رکڻ واجب آهن يا ڪنهن کان رکرائي (چاهي ان لاءِ پيسا بہ خرچ ڪرڻا پون)

**سوال:** وڏي پٽ مان مراد ڇا آهي؟

**جواب:** ماءُ پيءَ جي انتقال جي وقت زنده پٽن مان سڀ کان وڏو پٽ ئي وڏو پٽ مراد آهي.

**توجهہ:** ماءُ پيءَ جي زندگي ۾ وڏي پٽ جو انتقال ٿي وڃي تہ ماءُ پيءَ جي انتقال ڪرڻ وقت جيڪو وڏو پٽ هوندو اهو ئي وڏو سمجهو ويندو.

ڌيئرن تي ماءُ پيءَ طرفان ڪا بہ شي واجب نہ آهي.

ماءُ پيءَ جي جن روزن جي قضا هجڻ جو يقين هجي وڏي پٽ تي فقط اهي ئي واجب آهي جن جي باري ۾ شڪ هجي اهي واجب ناهن.

جيڪڏهن وڏو پٽ ماءُ پيءَ جا روزا نہ رکي يا انتقال ڪري وڃي تہ ٻين پٽن تي ڪا بہ ذميداري ناهي.

**سوال:** آءٌ وڏو پٽ آهيان مون تي پنهنجا بہ روزا قضا آهن مرحوم والد جا بہ، پهريان ڪهڙا رکان؟

**جواب:** توهان جي مرضي جهڙا بہ پهريان رکو فقط هڪ خيال رکڻو پوندو تہ جيڪڏهن توهان جي پوئين رمضان جا روزا قضا آهن ۽ ايندڙ رمضان مٿي تي آهي ۽ رمضان ۾ بہ ايترا ئي ڏينهن بچيا آهن جيترا توهان جا روزا قضا آهن تہ پهريان توهان کي پنهنجا پوئين رمضان جا روزا رکڻا پوندا.

## مسافر جا روزا

جيڪڏهن شرطون پوريون هجن ته مسافر جي لاءِ 4 رڪعتي نماز 2 رڪعتي ٿي ويندي آهي ۽ روزو رکڻ حرام ٿي ويندو آهي. ( شرطون وضاحت سان توضيح المسائل ۾ آهن)

رمضان مهيني ۾ سفر حرام ناهي پر روزي کان بچڻ لاءِ سفر ڪرڻ مڪروه آهي.

رمضان مهيني ۾ مسافر لاءِ ۽ هر ان شخص لاءِ جيڪو روزو نٿو رکي سگهي پيٽ ڀري کائڻ يا جماع ڪرڻ مڪروهه آهي.

جيڪڏهن روزيدار ٻيپهري جي آذان کان پوءِ سفر ڪري ته روزو مڪمل ڪرڻ ضروري آهي.

جيڪڏهن روزيدار ٻيپهري کان پهريان سفر ڪري ته حد ترخص تي پهچڻ کان پوءِ ڪيس کائڻ پيئڻ جي اجازت آهي.

## حد ترخص

**سوال:** حد ترخص جو مطلب ڇا آهي؟

**جواب:** پنهنجي شهر يا ڳوٺ کان ايترو پري واري جڳهه جتي نه شهر ۽ ڳوٺ جي آذان جو آواز ٻڌڻ ۾ اچي نه ئي ديوارون نظر اچن.

**سوال:** مسافر جيڪڏهن ٻيپهري جي آذان کان پهريان پنهنجي شهر يا ڳوٺ پهچي وڃي يا جتي هن کي 10 ڏينهن رهڻو آهي اتي پهچي وڃي ته ڇا حڪم آهي؟

**جواب:** جيڪڏهن ان وقت تائين روزي کي ٽوڙڻ وارو ڪو ڪم نه ڪيو اٿس ته روزو مڪمل ڪرڻ واجب آهي. پر جيڪڏهن روزي کي ٽوڙڻ وارو ڪو ڪم ڪيو اٿس ته روزو ٽٽو رکي سگهي، بعد ۾ ڪيس روزي جي قضا ڪرڻي پوندي.

## مستحب روزا

**سوال:** جنھن تي رمضان جا قضا روزا ھجن اھو مستحب روزا رکي سگھي ٿو؟

**جواب:** جي نہ.

**سوال:** جيڪڏھن پيو ڪوئي واجب روزو باقي ھجي مثال: باس باسيل، ڪفاري يا اجاري جو تہ مستحب روزو رکي سگھي ٿو؟

**جواب:** جي ھا ( آيت الله خميني، آيت الله خامنہ اي جي فتویٰ مطابق)

**سوال:** آءٌ مستحب روزو رکيو ۽ ھڪ مومن ڪاڏي جي دعوت ڪئي ھاڻي منھنجي لاءِ ڇا ڀلو آھي روزو مڪمل ڪيان يا دعوت تي وڃان؟

**جواب:** ڀلو اھو آھي تہ دعوت تي وڃو.

**سوال:** گھر واري مڙس جي اجازت کان بغير مستحب روزو رکي سگھي ٿي؟

**جواب:** جي نہ.

## فطرو

**سوال1:** فطرو ڪير ڪڍي؟

**جواب:** جنهن ۾ هي پنج 5 شرطون هجن انهيءَ جي لاءِ فطرو ڪڍڻ واجب آهي.

**الف)** بالغ هجي

**ب)** عاقل (هجي چريو نہ) هجي

**ج)** فقير نہ هجي

**نوٽ:** فقير اهو شخص آهي جنهن وٽ پنهنجي معاشري جي حساب سان آمدني گهٽ ۽ سندس خرچ وڌيڪ هجي.

**د)** هوش ۾ هجي (ديوانو يا مست نہ هجي)

**ح)** غلام نہ هجي.

**سوال2:** جيڪو شخص فطرو ڪڍڻ چاهي تہ ڪنهن جو فطرو ڪڍي؟

**جواب:** هر شخص پنهنجو ۽ پنهنجي اهل و عيال جو فطرو ڪڍندو پوءِ چاهي انهن مان ڪو بالغ هجي يا نا بالغ.

**سوال3:** جيڪڏهن ڪو شخص ڪنهن گهر يا اوطاق ۾ رهڻ وارو سمجهيو وڃي ۽ عيد جي رات انهيءَ گهر يا اوطاق تي هجي تہ فطرو ڪنهن کي ڪڍڻو پوندو؟

**جواب:** ميزبان کي.

**سوال4:** منهنجو فطرو ڪنهن ٻئي شخص تي واجب آهي پر هو نہ ڪڍندو آهي ڇا ان صورت ۾ مون تي پنهنجو فطرو ڪڍڻ واجب آهي؟

**جواب:** نہ توهان تي واجب ڪونهي.

**سوال5:** فطرو ڪيترو ڪڍجي؟

**جواب:** ٽي 3 ڪلو اٽو يا ان جي قيمت

ٽي 3 ڪلو چانور يا ان جي قيمت

**نوٽ:** قيمت ڏيڻ وقت اهو علم هجڻ ضروري آهي ته اها قيمت اٽي جي آهي يا چانورن جي آهي.

واضح رهي ته اٽي ۽ چانورن کان علاوه ٻئي جنس منجهان ٻه فطرو ڪڍي سگهجي ٿو. جنهن جي تفصيل وڏن ڪتابن ۾ آهي.

**سوال6:** فطرو ڪڍي ڪنهن کي ڏجي؟

**جواب:** هڪ اهڙي ٻارنهن 12 امامن جي مڃٽواري کي جنهن ۾ هيٺيون شرطون موجود هجن.

**الف)** فقير هجي

**ب)** شرابي نه هجي

**ج)** بي نمازي نه هجي

**د)** ماڻهن جي سامهون گناه نه ڪندو هجي. (ڏاڙهي نه ڪوڙائيندو هجي)

ماڻهن جي سامهون گانا نه ٻڌندو هجي. جيڪڏهن عورت آهي ته بي پرده نه هجي.

**ح)** فطري جي پئسن کي گناه جي ڪمن ۾ خرچ نه ڪري.

**سوال7:** ڇا غير سيد جو فطرو سيد کي ڏيئي سگهجي ٿو؟

**جواب:** نه نه ٿو ڏيئي سگهي

**سوال8:** فطرو ڪنهن وقت ڪڍجي؟

**جواب:** عيد جي رات سج لهڻ کان وٺي عيد جي نماز کان پهريان تائين. پر جيڪڏهن عيد جي نماز نه پڙهي اٿس ته ٻيپهريءَ جي آذان کان پهريان.

**سوال9:** منهنجي نظر ۾ اهڙو شيعه فقير آهي جيڪو فطري جي لائق آهي ڇا آءُ عيد کان پهريان ان کي فطرو ڏيئي سگهان ٿو؟

**جواب:** فطري جي نيت سان نہ ٿا ڏيئي سگھو پر قرض جي نيت سان ڏيئي ڇڏيو، جنھن وقت عيد جو چنڊ نظر اچي وڃي تہ پوءِ ان قرض کي فطري جي نيت ۾ تبديل ڪري ڇڏيو.

**سوال10:** ڇا فطرو ڏيڻ وقت نيت ڪرڻ ضروري آھي؟

**جواب:** جي ھا، فقط دل ۾ ارادو ڪري تہ ڪافي آھي.

**سوال11:** فطرو وٺڻواري شخص کي اھو ٻڌائڻ ضروري آھي ھي فطرو آھي، جيڪو توھان کي ڏيان پيو؟

**جواب:** کيس ٻڌائڻ ضروري نہ آھي، بلڪہ جڏھن ان جي عزت جو مسئلو ھجي تہ کيس نہ ٻڌائڻ يلو ۽ بھتر آھي.

والسلام

اختتام 3 شعبان المعظم 1438 ھ،ق

محمد اسلم چانديو

حوزه علميہ قم المقدسہ ايران

30/4/2017